اميراهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه جي ڪتاب "فيضانِ رمضان" جي هڪ قسط بنام

# نفلي روزن جا فضائل

سنڌي


روزيدارن جي لاءِ بخشش جون بشارتون 02
نفلي روزن جي فضيلت تي ١٣ فرامينِ مصطفٰي 03
سخت گرمي ۾ روزي جي فضيلت 08
نفل روزي جا١٣ مدني گل 18





شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامه مولانا ابو بلال
مُحمّد اِلياس عطّار قادِري رَضَوي
دامت برڪاتهم العاليه

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَالله جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ۱ ص۴۰ دار الفكر بيروت)

طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)

رسالي جو نالو: نفلي روزن جا فضائل

ڇاپو پهريون: شعبان المعظم 1443ھ مارچ 2022ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

# نفلي روزن جا فضائل

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.ne

# فهرست


نفلي روزن جا فضائل ........................................ 1
دُرُود شريف جي فضيلت ........................................ 1
نفل روزن جا ديني ۽ دنياوي فائدا ........................................ 1
روزيدارن جي لاءِ بخشش جي بشارت ........................................ 2
نفلي روزن جي فضيلتن تي 13 فرامينِ مصطفٰي ﷺ ........................................ 3
(1) جنت جو نرالو وڻ ........................................ 3
(2) 40 ورهين جو فاصلو دوزخ کان دوري ........................................ 4
(3) دوزخ کان 50 سال مسافت دوري ........................................ 4
(4) زمين جيتري سون کان به وڌيڪ ثواب ........................................ 4
(5) جهنم کان تمام گهڻو پري ........................................ 4
(6) ڪانءُ ننڍپڻ کان پوڙهائپ تائين اڏامندو رهي ايستائين جو........................................ 5
(7) روزي جهڙو ڪو عمل ناهي ........................................ 5
(8) روزا رکو تندرست ٿي ويندؤ ........................................ 5
(9) محشر ۾ روزيدارن جا مزا ........................................ 6
(10) سون جا دستر خوان ........................................ 6
(11) جيستائين روزيدار جي سامهون طعام کاڌو ويندو آهي ........................................ 6
(12) هڏيون تسبيح ڪنديون آهن ........................................ 7
(13) روزي ۾ مرڻ جي فضيلت ........................................ 7

نيڪ ڪم جي دوران موت جي سعادت .................... 7
ڪالو چاچا جي ايمان افروز وفات .................... 8
سخت گرميءَ ۾ روزي جي فضيلت (حڪايت) .................... 10
قيامت ۾ روزيدار کائيندا .................... 11
ايام بيض جا روزا .................... 11
ايام بِيض جي روزن جي متعلق 3 روايتون .................... 11
ايام بِيض جي روزن جي متعلق 5 فرامين مصطفٰي ﷺ .................... 12
مرڻ جون دعائون گهرندا هئا .................... 12
سومر شريف ۽ خميس جي روزن بابت 5 حديث سڳوريون .................... 14
اربع ۽ خميس جي روزن جا 3 فضائل .................... 16
”ڪرم“ جي ٿڻ اکرن جي نسبت سان اربع، خميس ۽ جمعي جي روزن جا 3 فضائل .................... 17
جمعي جي روزن جي معتلق 4 فضائل .................... 17
رُڳو جمعي جو روزو رکڻ جي ممانعت جون 3 روايتون .................... 19
جمعي جي روزي جي متعلق هڪ فتوٰي .................... 20
ڇنڇر ۽ آچر جا روزا .................... 21
نفلي روزن جا 13 مدني گل .................... 22
هميشه (مسلسل) روزا رکڻ .................... 24

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# نفلي روزن جا فضائل

**دعا عطار:** يا الله پاڪ! جيڪو بہ مڪمل رسالو ”نفلي روزن جا فضائل“ پڙهي يا ٻڌي وٺي، ان کي فرضن سان گڏوگڏ نفل نمازون پڙهڻ ۽ نفل روزا رکڻ جي بہ سعادت نصيب فرما.

اٰمِیْن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِیْن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## دُرُود شريف جي فضيلت

رسول اڪرم، نورِ مجسم، رحمتِ عالم، شاهِ بني آدم، رسولِ محتشم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ رحمت نشان آهي: **قيامت** جي ڏينهن الله پاڪ جي عرش ڪانسواءِ ڪو سايو نہ هوندو، ٽي شخص الله پاڪ جي عرش جي سايي ۾ هوندا. عرض ڪيو ويو: يارسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اهي ڪهڙا ماڻهو هوندا؟ ارشاد فرمايائون (1) اهو شخص جيڪو منهنجي امتيءَ جي پريشاني ختم ڪري (2) منهنجي سنّت کي زنده ڪرڻ وارو (3) مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهڻ وارو. (البدور السافرة في امورالاخرة للسيوطي رحمه الله حديث 366 ص 131)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## نفل روزن جا ديني ۽ دنياوي فائدا

پيارا پيارا **اسلامي ڀائرو!** فرض روزن کان سواءِ **نفل روزن** جي بہ عادت ٺاهڻ گهرجي جو هن ۾ بيشمار ديني ۽ دنياوي فائدا آهن ۽ ثواب تہ ايڏو آهي جو دل چاهي ٿي تہ بس روزا رکندا ئي رهون.

وڏيڪ **ديني فائدن** ۾ ايمان جي حفاظت، جهنم کان ڇوٽڪارو ۽ جنّت جو حصول شامل آهن ۽ جيتري تائين دنياوي فائدن جو تعلق آهي ته روزي ۾ ڏينهن جو کائڻ پيئڻ ۾ خرچ ٿيڻ واري وقت ۽ اخراجات جي بچت، پيٽ جي اصلاح ۽ تمام گهڻين بيمارين کان حفاظت جو سامان آهي ۽ تمام فائدن جو بنياد هي آهي ته ان سان الله پاڪ راضي ٿيندو آهي.

## روزيدارن جي لاءِ بخشش جي بشارت

**الله تبارڪ و تعالیٰ ٻاويهين سيپاري جي سُوْرَةُ الْاَحْزَابِ جي آيت نمبر 35 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:**

وَالصّٰٓـئِمِيْنَ وَالصّٰٓـئِمٰتِ وَالْحٰفِظِيْنَ فُرُوْجَهُمْ وَ الْحٰفِظٰتِ وَ الذّٰكِرِيْنَ اللّٰهَ كَثِيْرًا وَّالذّٰكِرٰتِ اَعَدَّ اللّٰهُ لَهُمْ مَّغْفِرَةً وَّ اَجْرًا عَظِيْمًا ﴿۳۵﴾

(پ 22 بنی الا حْزاب 35)

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ روزي وارا ۽ روزي واريون ۽ پنهنجي پرهيزگاري جي نگاهه رکڻ وارا ۽ نگاهه رکڻ واريون ۽ الله کي گهڻو ياد ڪرڻ وارا ۽ ياد ڪرڻ واريون انهن سمورن جي واسطي الله بخشش ۽ وڏو ثواب تيار ڪري رکيو آهي.

وَالصّٰٓـئِمِيْنَ وَالصّٰٓـئِمٰتِ (۽ روزي وارا ۽ روزي واريون) جي تفسير ۾ حضرت علامہ ابوالبرڪات عبدالله بن احمد نَسَفِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: هن ۾ فرض ۽ نفل ٻنهي قسمن جا روزا داخل آهن . منقول آهي: جنهن هر مهيني اَيامِ بيض (يعني چنڊ جي 13، 14، 15 تاريخ ) جا ٽي روزا رکيا اهو روزا رکڻ وارن ۾ شمار ڪيو ويندو آهي. (تفسير مدارڪ، 345/2)

الله تبارڪ و تعالیٰ سيپاري 29 ، سُوْرَةُ الْحَآقَّةِ جي آيت نمبر24 ۾

ارشاد فرمائي ٿو:

كُلُوْا وَاشْرَبُوْا هَنِيْٓـئًۢا بِمَآ اَسْلَفْتُمْ فِي الْاَيَّامِ الْخَالِيَةِ ﴿۲۴﴾
(پ 29 الحاقہ 24)

ترجمو ڪنزالايمان: کائو ۽ پيئو خوشگوار، انعام انهيءَ جو جيڪو توهان گذريل ڏينهن ۾ اڳتي موڪليو.

**حضرت شاھ عبدالعزيز مُحدّث دهلوي** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **آيتِ ڪريمہ جي هن حصي**( گذريل ڏينهن ۾) جي تحت لکن ٿا: يعني دنيا جي ڏينهن مان گذريل ڏينهن ۾ يا انهن ڏينهن ۾ جيڪي کائڻ پيئڻ کان خالي هئا ۽ اهي رمضان المبارڪ جي روزن جا ڏينهن آهن ۽ ٻيا مسنون روزن جا ڏينهن جيئن ايامِ بِيض(يعني چنڊ جي 13،14،15، تاريخ) عَرَفہ (يعني 9 ذُوالحجة الحرام) جو ڏينهن، عاشورا جو ڏينهن، سومر جو ڏينهن، جمعرات جو ڏينهن ۽ شب براءَت جو ڏينهن وغيره. (تفسير عزيزی، 103/2) **حضرت امام مجاهد** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **فرمائن ٿا:** فِي الْاَيَّامِ الْخَالِيَةِ(گذريل ڏينهن ۾) مان مراد روزن جا ڏينهن آهن هاڻي مطلب اهو ٿيو تہ توهان کائو ۽ پيئو ان جي بدلي ۾ جيڪو توهان روزن جي ڏينهن ۾ الله پاڪ جي رضا خاطر پاڻ کي کاڌي پيتي کان روڪيو (تنهنڪري جنت ۾ کاڌو پيتو دنيا ۾ کاڌي پيتي کان رڪجڻ جو بدلو ٿي ويندو).
(تفسير روح النيان، 143/7)

## نفلي روزن جي فضيلتن تي 13 فرامينِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّم

### (1) جنت جو نرالو وڻ

جنهن **هڪ نفلي روزو** رکيو، الله پاڪ ان جي لاءِ **جنت** ۾ هڪ وڻ

لڳائيندو جنهن جو ميوو **ڏاڙهونءَ** کان ننڍو ۽ صوف کان وڏو هوندو. اهو (ميٺ کان الڳ نہ کيل) ماکيءَ جهڙو منو ۽ (ميٺ کان الڳ کيل خالص ماکيءَ وانگر) خوش ذائقہ هوندو. الله پاڪ قيامت جي ڏينهن روزيدار کي ان وڻ جو ميوو کارائيندو.

(طبراني ڪبير، ج 18 ص 366 حديث 935)

## (2) 40 ورهين جو فاصلو دوزخ کان دوري

جنهن ثواب جي اميد رکندي هڪ نفلي روزو رکيو الله پاڪ ان کي دوزخ کان چاليهہ ورهين (جو فاصلو) پري فرمائيندو".

(ڪنز العمال ج 8 ص 255 حديث 24148)

## (3) دوزخ کان 50 سال مسافت دوري

جنهن رِضاءِ الٰهي جي لاءِ هڪ ڏينهن جو **نفلي** روزو رکيو تہ الله پاڪ ان جي ۽ دوزخ جي وچ ۾ هڪ تيز رفتار سوار جي **پنجاهہ سالن** جي سفر جيترو فاصلو فرمائي ڇڏيندو".

(ڪنزالعمال ج 8 ص 255 حديث 24149)

## (4) زمين جيتري سون کان بہ وڌيڪ ثواب

جيڪڏهن ڪنهن **هڪ ڏينهن جو نفلي** روزو رکيو ۽ **زمين جيترو سون** ان کي ڏنو وڃي تڏهن بہ سندس ثواب پورو نہ ٿيندو ان جو ثواب تہ قيامت جي ڏينهن ئي ملندو. (ابويعلى ج 5 ص353 حديث 6104)

## (5) جهنم کان تمام گهڻو پري

جنهن الله پاڪ جي راهہ ۾ **هڪ ڏينهن جو فرض روزو رکيو** الله پاڪ ان کي جهنم کان ايترو پري ڪري ڇڏيندو جيترو ستن زمينن

۽ آسمانن جي وچ وارو فاصلو آهي ۽ جنهن هڪ ڏينهن جو **نفلي روزو** رکيو، الله پاڪ ان کي جهنّم کان ايترو پري ڪري ڇڏيندو جيترو **زمين ۽ آسمان** جو وچ وارو مفاصلو آهي.

(مجمع الزوائد ج 3 ص 445 حديث 5177 )

## (6) ڪانءُ ننديڻ کان پوڙهائپ تائين اڏامندو رهي ايستائين جو....

جنهن هڪ ڏينهن جو روزو الله پاڪ جي رضا حاصل ڪرڻ خاطر رکيو، الله پاڪ ان کي جهنم کان ايترو پري ڪري ڇڏيندو جيترو هڪ ڪانءُ جيڪو پنهنجي ننديڻ کان اڏامڻ شروع ڪري ايستائين جو پوڙهو ٿي مري وڃي. (ابويعلیٰ، 383/1 حديث 9147)

## (7) روزي جهڙو ڪو عمل ناهي

حضرتِ سيّدُنا ابو اُمامه رَضِیَ اللہُ عَنْهُ فرمائن ٿا مون عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي اهڙو عمل ٻڌايو جنهن جي سبب جنّت ۾ داخل ٿي وڃان. فرمايائون: روزي کي پاڻ تي لازم ڪري ڇڏيو ڇو تہ ان جي مثل ڪو عمل ناهي. (الاحسان بترتيب صحيح ابن حبان ج 5 ص 179 حديث 3416) راوي چون ٿا، ”حضرتِ سيّدُنا ابو اُمامه رَضِیَ اللہُ عَنْهُ جي گهر ڏينهن جي وقت مهمان جي آمد کان علاوه ڪڏهن دونهون نہ ڏٺو ويو. (يعني پاڻ ڏينهن جو کاڌو کائيندا ئي نہ هئا روزو رکندا هئا). (المتجر الرابح في ثواب العمل الصالح ص، 338)

## (8) روزا رکو تندرست ٿي ويندؤ

صُوْمُوْا تَصِحُّوا- روزا رکو تندرست ٿي ويندؤ (المعجم الاوسط ج 6 ص1460 حديث 8312)

## (9) محشر ۾ روزيدارن جا مزا

قيامت جي ڏينهن روزيدار قبرن مان نڪرندا ته اهي روزي جي بوءِ کان سُڃاتا ويندا ۽ پاڻي جا ڪوزا جن تي **مُشڪ** سان مهر هوندي انهن کي چيو ويندو کائو ڪالهه توهان بُکايل هئا، پيئو ڪالهه توهان اُڃايل هئا، آرام ڪريو ڪالهه توهان ٿڪيل هئا پوءِ اهي کائيندا ۽ آرام ڪندا جڏهن ته ماڻهو حساب جي مشقت ۽ اُڃ ۾ مبتلا هوندا. (ڪنزالعمال ج 8 ص 313 حديث 23639 والتدوين في اخبار قزوين ج2 ص326)

## (10) سون جا دستر خوان

جيڪو لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ چوندي انتقال ڪري ويو اهو جنّت ۾ داخل ٿيندو. ۽ جنهن صرف الله پاڪ جي رضا جي لاءِ روزو رکيو، انهيءَ تي ان جو خاتمو ٿيو ته اهو جنّت ۾ داخل ٿيندو، ۽ جنهن الله پاڪ جي رضا جي لاءِ صدقو ڪيو، انهيءَ تي ان جو خاتمو ٿيو ته اهو جنّت ۾ داخل ٿيندو. (مُسند امام احمد ج9 ص 90 حديث 23384)

## (11) جيستائين روزيدار جي سامهون طعام ڪاڌو ويندو آهي

حضرت ام عُماره بنت ڪعب رَضِیَ اللّٰہُ عَنْھَا فرمائن ٿيون: رسول ڪريم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون وٽ تشريف ڪٽي آيا، ته مون ڪاڌو پيش ڪيو ته ارشاد فرمايائون: ”تون به کاءُ!“ مون عرض ڪيو: **يارسول الله** صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ” **آءُ روزي سان آهيان“ ته فرمايائون** ”جيستائين ڪاڌو روزيدار جي سامهون ڪاڌو ويندو آهي فرشتا ان روزيدار جي لاءِ

مغفرت جي دعا ڪندا رهندا آهن. (ترمذی، 205/2، حديث 785)

## (12) هڏيون تسبيح ڪنديون آهن

حضرتِ سيّدُنا بريده رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان مروي آهي نبيءِ رَحمت، شفيع اُمّت، مالڪ جنّت، محبوبِ ربّ العزّت صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (حضرتِ سيّدُنا) بِلال رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کي فرمايو: ”اي بلال! اچو ناشتو ڪريو“، ته (حضرتِ سيّدُنا) بِلال رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ عرض ڪيو، ”مان روزي سان آهيان“. ته رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو:”اسان پنهنجو رزق ڪائي رهيا آهيون ۽ بِلال رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جو رزق جنّت ۾ وڌي رهيو آهي“. پوءِ فرمايائون، اي بِلال! ڇا توهان کي خبر آهي ته جيتري دير تائين ڪاڏو روزيدار جي سامهون ڪاڏو ويندو آهي ته ان جون هڏيون تسبيح ڪنديون آهن ۽ ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا آهن. (ابن ماجه ج2 ص348 حديث1749)

## (13) روزي ۾ مرڻ جي فضيلت

”جيڪو روزي جي حالت ۾ مُئو، الله پاڪ ان جي حساب ۾ قيامت تائين جا روزا لکي ڇڏيندو.“ (الفردوس بما ثور الخطاب ج3 ص 504 حديث5557 )

## نيڪ ڪم جي دوران موت جي سعادت

خوش نصيب آهي اهو مسلمان جنهن کي روزي جي حالت ۾ موت اچي. بلڪ ڪنهن به نيڪ ڪم جي دؤران موت اچڻ نهايت ئي چڱي علامت آهي. مثال طور باوضو يا نماز جي دوران مرڻ، **سفرِ مدينه** جي دوران بلڪ مدينهءِ منوره ۾ روح قبض ٿيڻ، دوران حج مڪهءِ مڪرمه، منيٰ، مزدلفه يا عرفات شريف ۾ فوتگي، دعوتِ اسلامي جي سنّتن جي تربيت جي **مدني قافلي** ۾ **عاشقانِ رسول**

سان گڏ **سنّتن پرئي سفر** جي دوران دنيا مان رخصت ٿيڻ، اهي سڀ اهڙيون عظيم سعادتون آهن جو صرف خوشنصيبن کي ئي حاصل ٿينديون آهن ان سلسلي ۾ صحابهءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جون نيڪ تمنائون بيان ڪندي حضرتِ **سيّدُنا خَيۡثَمَه** رَضِیَ اللہُ عَنۡهُ فرمائن ٿا: صحابهءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان هن ڳالهه کي پسند ڪندا هئا ته انتقال ڪنهن چڱي ڪم مثال طور:حج، عمرو، غزوه (جهاد)، رمضان جي روزن وغيره جي دوران ٿئي. (حليته الاولياء، 123/4)

## ڪالو چاچا جي ايمان افروز وفات

**چڱي** ڪم جي دوران موت اچي وڃڻ جي سعادت مقدر وارن جو ئي حصو آهي انهيءَ ضمن ۾ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ، دعوتِ اسلاميءَ جي اجتماعي اعتڪاف جي هڪ مدني بهار ملاحظ فرمايو ۽ سڄي زندگي جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته رهڻ جو پڪو عزم ڪري ڇڏيو. جيئن ته احمد آباد شريف (گجرات، الهند) جو ڪالو چاچا (عمر تقريبًا **60** سال) رمضان المبارڪ (**1425ھ** بمطابق **2004**ع) جي آخري ڏهاڪي ۾ شاهي مسجد (شاهِ عالم، احمد آباد شريف) ۾ ٿيڻ واري عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ، دعوتِ اسلامي جي اجتماعي اعتڪاف ۾ معتڪف ٿي ويو. هونئن ته هي پهريان ئي ڪان دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته هو پر عاشقانِ رسول سان گڏ اجتماعي اعتڪاف ۾ شموليت ڪين پهرئين ئي پيري نصيب ٿي هئي. ڪين اعتڪاف ۾ گهڻو ڪجهه سکڻ جو موقعو مليو ۽ گڏوگڏ دعوتِ اسلامي جي 72 ”نيڪ اعمال“ مان پهرين صف ۾ نماز پڙهڻ جي ترغيب واري ”نيڪ عمل“ نمبر ٻه تي

عمل جو خوب جذبو مليو جيئن تہ انهن پهرين صف ۾ نماز پڙهڻ جي عادت بڻائي ڇڏي. 2 شوال المكرم يعني عيد الفطر جي ٻي ڏينهن ٽن ڏينهن جي مدني قافلي ۾عاشقانِ رسول سان گڏ سفر ڪيائون. مدني قافلي مان واپسيءَ جي پنجن ڇهن ڏينهن کان پوءِ يعني 11 شوال المكرم (سن **1425**هہ، **2004**ع) جو سندن ڪنهن ڪم سان بازار وڃڻ ٿيو. مصروفيّت بہ هئي پر ڪين دير ٿي وڃڻ جي صورت ۾ **پهرين صف** رهجي وڃڻ جو خدشو هو. تنهنڪري ڪم ڪار ڇڏي مسجد جو رخ ڪيائون ۽ اَذان کان پهريان ئي مسجد ۾ پهتا، وضو ڪري جيئن ئي ويٺا تہ ڪِري پيا، ڪلمو شريف ۽ درود پاڪ پڙهندي ئي سندن روح جسماني پڃري مان پرواز ڪري ويو. اِنَّا لِلّٰهِ وَ اِنَّآ اِلَيْهِ رٰجِعُوْنَ. سُبحٰن الله! اجتماعي اعتڪاف جي برڪت سان ”نيڪ اعمال“ جي ٻي نيڪ عمل **پهرين صف ۾ نماز** پڙهڻ جي ملنڍڙ جذبي ڪالو چاچا کي انتقال جي وقت بازار جي غفلت ڀري فضائن مان ڪڍي مسجد جي رحمت ڀري فضائن ۾ پهچائي ڇڏيو ۽ ڪيڏي خوش نصيبي جو آخري وقت ڪين ڪلمو ۽ درود شريف نصيب ٿي ويو. سُبحٰنَ الله! ۽ جنهن کي مرڻ مهل ڪلموشريف نصيب ٿي وڃي ان جو قبر ۽ حشر ۾ ٻيڙو پار آهي. جيئن تہ نبيءِ رحمت، شفيع امت، مالڪِ جنّت، محبوبِ ربّ العزّت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ جنّت نشان آهي. جنهن جو آخري ڪلام: لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ هجي، اهو جنّت ۾ داخل ٿيندو. (ابوداود شريف ج 3 ص 132 حديث 3116)

وڏيڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول جي برڪت ٻُڌو: جيئن تہ

انتقال کان کجھ ڏينهن پوءِ سندن پٽ خواب ۾ ڏٺو ته **مرحوم ڪالو چاچا** سفيد لباس ۾ ملبوس مٿي تي سبز سبز عمامي شريف جو تاج سجائي مُسڪرائيندي چئي رهيا آهن: **پٽ! دعوتِ اسلامي جي** ديني **ڪمن ۾ لڳل رهو جو انهيءَ ديني ماحول جي برڪت سان مون تي ڪرم ٿيو آهي.**

موت فضلِ خدا عزوجل سے ہو ایمان پر، مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
ربّ عزوجل کی رَحمت سے پاؤ گے جنّت میں گھر، مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سخت گرميءَ ۾ روزي جي فضيلت (حڪايت)

حضرتِ سيّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا فرمائن ٿا ته سرڪارِ مدينهءِ منوره، سردارِ مڪهءِ مڪرمه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرتِ سيّدُنا ابو موسيٰ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي هڪ سامونڊي جهاد ۾ موڪليو. هڪ اونداهي رات ۾ جڏهن ٻيڙيءَ جا ٻَادبان (ٻيڙيءَ جو واءُ جهليندڙ ڪپڙو) کنيا ويا ته غيب مان آواز ڏيندڙ فرشتي جو هڪ آواز آيو: اي ٻيڙيءَ وارؤ! ٻيهو مان توهان کي ٻُڌايان ته الله پاڪ پنهنجي ضمانت تي ڇا ورتو آهي؟ حضرت سيّدُنا ابو موسيٰ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ چيو: جيڪڏهن توهان ٻُڌائي سگهو ٿا ته ضرور ٻُڌايو؟ ان چيو، الله پاڪ پنهنجي ضمانت ستي ورتو آهي ته جيڪو سخت گرميءَ جي ڏينهن پاڻ کي الله پاڪ جي لاءِ اجارو رکي الله پاڪ ان کي سخت اُڃ واري ڏينهن (يعني قيامت) ۾ سيراب ڪندو. راوي فرمائن ٿا: حضرتِ سيّدُنا ابو موسيٰ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي عادت هئي ته سخت گرمي جي ڏينهن روزو رکندا هئا. (الترغيب والترہيب، 2/51، حديث 18)

## قيامت ۾ روزيدار کائيندا

تابعي بزرگ حضرتِ عبدالله بن رباح رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: مون هڪ راهب کان ٻڌو: ” قيامت جي ڏينهن دستر خوان وڇايا ويندا، سڀ کان پهريان روزيدار ان مان کائيندا (ابن عساکر ، 5/ 534)

## ايام بيض جا روزا

هر مدني مهيني (يعني سن هجري جي مهيني) ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٽي روزا هر اسلامي ڀاءُ ۽ اسلامي ڀيڻ کي رکڻ ئي گهرجن. ان جا بيشمار دنياوي ۽ اُخروي فائدا ۽ فضائل آهن. بهتر هي آهي ته هي روزا ”ايام بِيض“ يعني چنڊ جي 13، 14 ۽ 15 تاريخ تي رکيا وڃن.

## ايام بِيض جي روزن جي متعلق 3 روايتون

(1) اُمُّ الْموٴ منين حضرت حفصه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا کان روايت آهي، الله پاڪ جا پيارا حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم چئن شين کي نه ڇڏيندا هئا.﴿1﴾عاشورا (ڏهين محرم) ۽ ﴿2﴾عشرهٴ ذُوالْحِجَّة ۽ ﴿3﴾هر مهيني ۾ ٽن ڏينهن جا روزا ۽﴿4﴾ فجر(جي فرض) کان پهريان ٻه رکعتون (يعني ٻه سنّتون) (نسائی، ص 395، حديث 2413) حديث پاڪ جي هن حصي”عشرهٴ ذُوالحج جا روزا“ مان مراد ذوالحج جا ابتدائي نوَ ڏينهن جا روزا آهن، نه ته ڏهه ذوالحجه جو روزو رکڻ حرام آهي. (مرآة المناجيح، 195/3 ماخوذا)

(2) حضرتِ سيّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا کان روايت آهي ته طبيبن جا طبيب، الله جا حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ايام بِيض ۾ روزي جي بغير نه هوندا هئا نه سفر ۾ نه حضر (يعني قيام) ۾. (سنن نسائي ج 4 ص 198)

(3) اُمُّ الْمؤمنين حضرتِ سيدتنا عائشه صديقه رَضِیَ اللہُ عَنْہَا روايت فرمائن ٿيون: ”منهنجا سرتاج صاحبِ معراج صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هڪ مهيني ۾ **ڇنڇر، آچر ۽ سومر** جو ڏهن ته ٻئي مهيني اڱاري، اربع ۽ خميس جو روزو رکندا هئا.“ (جامع ترمذي ج2 ص186حديث746)

## ايام بِيض جي روزن جي متعلق 5 فرامين مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَسَلَّم

(1) جهڙي طرح توهان مان ڪنهن وٽ جنگ ۾ بچاءَ جي لاءِ ڍال هوندي آهي اهڙيءَ طرح روزو جهنّم کان توهان جي ڍال آهي ۽ هر مهيني ٽي ڏينهن روزا رکڻ بهترين روزا آهن.“ (ابنِ خزيمه ج 3 ص301حديث 2125) (2) **هر مهيني ۾ ٽن ڏينهن جا روزا** اهڙا آهن جيئن دهر (يعني هميشه جا روزا. (صحيح بخاري ج1 ص 649 حديث1975) (3) **رمضان** جا روزا ۽ هر مهيني ۾ ٽن ڏينهن جا روزا **سيني جي خرابيءَ** (يعني جيئن نفاق)کي ختم ڪندا آهن. (مُسند امام احمد ج9 ص 36 حديث 23132) (4) **جنهن** کان ٿي سگهي هر مهيني ۾ **ٽي روزا** رکي جو هر روزو ڏهه گناهه متائيندو آهي ۽ گناهن کان ائين پاڪ ڪري ڇڏيندو آهي جيئن پاڻي ڪپڙي کي. (طبراني في المعجم الكبير ج 25 ص35 حديث 60) (5) **جڏهن** مهيني ۾ **ٽي روزا** رکڻا هجن ته تيرهين، چوڏهين ۽ پندرهين جو رکو. (سُنَن نَسائي ج4 ص 221)

## مرڻ جون دعائون گهرندا هئا

پياراپيارا اسلامي ڀائرو! ايامِ بِيض جي روزن، نيڪين ۽ سنّتن جو ذهن ٺاهڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ ”**دعوتِ اسلامي**“جو **ديني ماحول** اختيار ڪريو، رُڪو پري پري کان ڏسڻ سان ڳالهه نه نهندي، سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ **عاشقانِ رسول**

سان گڏ سنّتن ڀريو سفر ڪريو، رمضان المبارڪ جو **اجتماعي اعتڪاف** بہ ڪريو، اِنْ شَآءَاللّٰه توهان کي اهو روحاني سڪون مُيَسَّر ايندو جو توهان حيران رهجي ويندؤ. **دعوتِ اسلامي** جي ديني ماحول ۾ اچي ڪري ڪيترا بگڙيل ماڻهو سڌي واٽ تي اچي ويندا آهن ان جي هڪ جهلڪ ملاحظ فرمايو، جيئن تہ تعلقي نُل (سنڌ) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي تہ آءُ انتهائي فسادي ۽ شرير هئس، جهيڙو جهڳڙو منهنجو پسنديده مشغلو هو، منهنجي شرارتن کان سڄو محلو تنگ هو ۽ گهر وارا تہ ايتريقدر بيزار هئا جو **منهنجي مرڻ جون دعائون گهرندا هئا.** خوشقسمتيءَ سان ڪجهہ اسلامي ڀائرن مون تي **انفرادي ڪوشش** ڪندي مون کي رمضان المبارڪ جي **اجتماعي اعتڪاف** جي دعوت پيش ڪئي. مون مُرُوَّت ۾ ها ڪري ڇڏي. جذبو تہ هيو ئي نہ رُڳو ٽائيم پاس ڪرڻ جي اِرادي سان مان رمضان المبارڪ (سن1420هـ مطابق 1999) ۾ ميمڻ مسجد جيڪب آباد (سنڌ) ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ **معتڪف** ٿي ويس. اعتڪاف جي دوران وضوء، غسل، نماز جو طريقو گڏوگڏ حقوق الله ۽ حقوق العباد ۽ احترامِ مسلم جا احڪام سکڻ لاءِ مليا، سنّتن ڀريئي پُرسوز بيانن ۽ رِقت انگيز دعائن مون کي ڏڪائي ڇڏيو! شرمسار ٿي مون اڳوڻن گناهن کان توبهہ ڪئي، نيڪيون ڪرڻ جو دل ۾ جَذبو پيدا ٿيو. اَلْحَمْدُلِلّٰه! مون عشقِ مصطفٰی صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نشاني ڏاڙهي شريف سجائي ورتي، مٿي کي سبز عمامي شريف جي تاج سان سرسبز ڪيو ۽ جهيڙن جهڳڙن جي جڳهہ تي نيڪيءَ

جي دعوت جو شَيدائي بڻجي ويس.

آؤ آکر گناہوں سے توبہ کرو ، مَدنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
رَحمتِ حق سے دامن تم آکر بھرو، مدنی ماحول میں کرلو تمق اعتکاف

(وسائل بخشش، ص 640)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سومر شريف ۽ خميس جي روزن بابت 5 حديث سڳوريون

(1) **حضرت** سيّدُنا ابوهريره رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ کان مروي آهي ته رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمائن ٿا: سومر ۽ خميس تي اعمال پيش ٿيندا آهن ته مان پسند ڪريان ٿو ته منهنجو عمل ان وقت پيش ٿئي جو مان روزيدار هجان. (سنن ترمذي ج2 ص 747) ته جيئن روزي جي برڪت سان رحمتِ الٰهي جو دريا جوش هٽي. (مراة، 188/3)

(2) الله پاڪ جي پياري محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهُ عَنِ الۡعُيُوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **سومر** شريف ۽ **خميس** جا روزا رکندا هئا انهيءَ جي باري ۾ عرض ڪيو ويو ته فرمايائون، هنن ٻنهي ڏينهن ۾ الله پاڪ هر مسلمان جي مغفرت فرمائيندو آهي پر اهي ٻه شخص جن پاڻ ۾ جُدائي ڪري ڇڏي آهي انهن جي متعلق ملائڪن کي فرمائيندو آهي انهن کي ڇڏي ڏيو ايتري تائين جو صلح ڪري وٺن.

(ابن ماجه ج 2 ص 344 حديث1740)

**مُفَسِّرِشَهِيرحڪيمُ الاُمّت** حضرت مفتي احمد يار خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هن حديث پاڪ جي تحت مرآت جلد 3 صفحي 196 تي فرمائن ٿا: سبحانَ

الله! اهي ٻئي ڏينهن وڏي عظمت ۽ برڪت وارا آهن ڇو نه هجن جو ڪين عظمت وارن سان نسبت آهي، ”جمعرات“ ته جمعي جي ويجهو آهي ۽ حضرت آمنه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي حامله ٿيڻ جو ڏينهن آهي، ۽ ”پير“ حضور صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت جو ڏينهن به آهي ۽ قرآنِ ڪريم جي نازل ٿيڻ جو ڏينهن به.

(3) اُمُّ الْمؤ منين حضرتِ سيّدتنا عائشه صديقه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون، منهنجا سرتاج صاحبِ معراج صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **سومر** ۽ **خميس** جي روزي جو خاص خيال رکندا هئا. (ترمذي شريف ج2 ص186 حديث745)

(4) **حضرت** سيّدُنا ابو قتاده رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا، سرڪارِ نامدار، مديني جي تاجدار، رسولن جي سالار، نبين جي سردار صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان **سومر شريف** جي روزي جو سبب پُڇيو ويو ته فرمايائون، انهيءَ ۾ منهنجي ولادت ٿي، انهيءَ ۾مون تي (پهرين) وحي نازل ٿي.

(صحيح مسلم ج 1 ص 591 حديث 198،1162)

(5) **حضرت** سيّدُنا اُسامه بن زيد رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا جي غلام رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان مروي آهي، فرمائن ٿا ته سيّدُنا اُسامه بن زيد رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا سفر ۾ به **سومر** ۽ **خميس** جا روزا ترڪ نه فرمائيندا هئا. مون سندن بارگاهه ۾ عرض ڪيو ته ڇا سبب آهي جو اوهان ايتري وڏي عمر ۾ به **سومر** ۽ **خميس** جا روزا رکو ٿا؟ فرمايائون: رسول الله صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **سومر** ۽ **خميس** جا روزا رکندا هئا. مون عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ڇا سبب آهي جو توهان **سومر** ۽ **خميس** جا روزا رکو ٿا؟ ته ارشاد

فرمايائون: ماڻهن جا عمل **سومر** ۽ **خميس** جو پيش ڪيا ويندا آهن.

(شعب الايمان ج 3 ص 392 حديث 3859)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اربع ۽ خميس جي روزن جا 3 فضائل

(1) **حضرت** سيّدُنا عبدالله ابنِ عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا کان روايت آهي. الله پاڪ جي پياري رسول، رسول مقبول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ بشارت نشان آهي: جيڪو **اربع** ۽ **خميس** جو روزو رکي ان جي لاءِ جهنّم کان آزادي لکي ويندي آهي. (ابو يعلى ج 5 ص 115 حديث 5610)

(2) **حضرت** سيّدُنا مُسلم بن عُبيدالله قَرَشي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ پنهنجي والد مکرَّم رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان روايت ڪن ٿا ته انهن بارگاهِ رسالت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ يا ته پاڻ عرض ڪيو يا ڪنهن ٻئي پڇا ڪئي، **يارسول الله** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مان **هميشه روزو** رکان؟ سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن خاموش رهيا. پوءِ ٻئي ڀيري عرض ڪيو، وري خاموشي اختيار فرمايائون. ٽئين ڀيري پُڇڻ تي وراڻيائون ته روزي جي متعلق ڪنهن سوال ڪيو؟ عرض ڪيم، مون، **يا نبي الله** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ته جواب ۾ ارشاد فرمايائون: بيشڪ توهان تي توهان جي گهر وارن جو حق آهي توهان **رمضان** ۽ ان سان متصل مهيني (شوال) ۽ هر **اربع** ۽ **خميس** جو روزو رکو ته جيڪڏهن توهان ائين ڪندؤ ته ڄڻ توهان هميشه جا روزا رکيا.

(شُعَبُ الايمان ج 3 ص 395 حديث 3868)

(3) **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ”جنهن **رمضان**، **شوال**، **اربع** ۽

**خميس** جو روزو رکيو تہ اھو جنّت ۾ داخل ٿيندو.“
(السنن الڪبريٰ للنسائي ج 2 ص 147 حديث 2778)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ”ڪرم“ جي ٽن اڪرن جي نسبت سان اربع، خميس ۽ جمعي جي روزن جا 3 فضائل

(1) جنھن **اربع، خميس** ۽ **جمعي** جو روزو رکيو، اللہ پاڪ ان جي لاءِ جنّت ۾ ھڪ گھر ٺاھيندو جنھن جو ٻاھريون حصو اندر کان ڏسڻ ۾ ايندو ۽ اندريون ٻاھر کان. (مجمع الزوائد ج3 ص 452 حديث5204)

(2) **جنھن** اربع، خميس ۽ جمعي جو روزو رکيو اللہ پاڪ ان جي لاءِ جنت ۾موتي ۽ ياقوت ۽ زمرد جو **محل** ٺاھيندو ۽ ان جي لاءِ دوزخ کان براءَت (يعني آزادي) لکي ويندي. (شُعَبُ الايمان ج3 ص 397 حديث3873)۔۔

(3) جيڪو اربع، جمعرات ۽ جمعي جو روزو رکي پوءِ جمعي جو ٿورو يا گھڻو تصدق (يعني خيرات) ڪري تہ جيڪي گناھ ڪيا آھن بخشيا ويندا ۽ ايئن ٿي ويندو جيئن ان ڏينھن پنھنجي ماءُ جي پيٽ مان پيدا ٿيو. (سنن ڪبرىٰ للنسائي ج 2 ص 147 حديث 2778 )۔۔

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## جمعي جي روزن جي معتلق 4 فضائل

(1)”جنھن جمعي جو روزو رکيو تہ اللہ پاڪ ان کي آخرت جي ڏھن ڏينھن جي برابر اجر عطا فرمائيندو ۽ اھي ڏينھن (پنھنجي مقدار ۾) دنيا جي ڏينھن جھڙا ناھن“. (شُعَبُ الايمان ج 3 ص393 حديث3862)

فتاوي رضويہ جلد 10 صفحي 653 تي آهي: **جمعي** جو روزو رکڻ واري کي **ڏهہ هزار سالن** جي روزن جو ثواب ملندو آهي پر رُڳو **جمعي** جو روزو نہ رکيو وڃي ان سان گڏ **خميس** يا **ڇنڇر** ملائجي.

(2) ”جنهن **جمعو** ادا ڪيو (يعني جمعي جي نماز ادا ڪئي) ۽ ان ڏينهن جو **روزو** رکيو ۽ مريض جي عيادت ڪئي ۽ جنازي سان گڏ ويو ۽ نڪاح ۾ حاضر ٿيو تہ ان جي لاءِ جنّت واجب ٿي وئي“.

(طبراني ڪبير ج8 ص97 حديث7484)

(3) ”جنهن روزي جي حالت ۾ جمعي جي ڏينهن جو صبح ڪيو ۽ مريض جي عيادت ڪئي ۽ جنازي سان گڏ ويو ۽ صدقو ڪيو تہ ان پنهنجي لاءِ جنّت واجب ڪري ڇڏي“. (شُعَبُ الايمان ج3 ص394 حديث3864)

(4) ”جنهن جمعي جي ڏينهن **روزو** رکيو ۽ مريض جي **عيادت** ڪئي ۽ مسڪين کي **کاڌو** کارايو ۽ جنازي سان گڏ هليو تہ ان کي چاليهن سالن جا گناهہ لاحِق (يعني ساڻ) نہ هوندا. (شُعَبُ الايمان ج3 ص394 حديث3865)

**حديث پاڪ جي هن حصي** ” ان کي چاليهن سالن جا گناهہ لاحِق نہ هوندا“ مان مراد يا تہ ان کي نيڪي جي ئي توفيق ملندي يا گناهہ صادر ٿيا تہ اهڙي توبهہ جي توفيق ملي ويندي جيڪا ان جي گناهن کي متائي ڇڏيندي.

حضرتِ سيّدُنا عبد الله بن مسعود رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ فرمائن ٿا، سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن تمام گهٽ **جمعي** جو روزو ترڪ فرمائيندا هئا.

(شُعَبُ الايمان ج3 ص394 حديث3865)

پياراپيارا اسلامي ڀائرو! جهڙي طرح **عاشوري** جي روزي کان پهريان يا بعد ۾ هڪ روزو رکڻوآهي اهڙيءَ طرح **جمعي** ۾ بہ ڪرڻو آهي،

چو تہ خصوصيّت سان اڪيلي **جمعي** يا ڇنڇر جو روزو رکڻ مڪروهِ تنزيهي (يعني ناپسند) آهي. ها جيڪڏهن ڪنهن مخصوص تاريخ جو **جمعو** يا ڇنڇر اچي ويو تہ رُڳو **جمعي** يا **ڇنڇر** جو روزو رکڻ ۾ ڪراهت ناهي. مثال طور 15 شعبان المعظم، 27 رجب المرجب وغيره.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## رُڳو جمعي جو روزو رکڻ جي ممانعت جون 3 روايتون

(1) راتين مان **جمعي** جي رات کي قيام جي لاءِ خاص نہ ڪريو ۽ نہ ئي ڏينهن جي دوران **جمعي جي ڏينهن** کي روزي سان خاص ڪريو پر هي جو توهان اهڙي روزي ۾ هجو جيڪو توهان کي رکڻو **هجي.** (صحيح مسلم ص 576 حديث 1144)

مُفَسِّرِشَهِيرحڪيمُ الاُمّت حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مرآة جلد 3 صفحي 187 تي "جمعرات کي بين راتين ۾ شب بيداري جي لاءِ خاص نہ ڪيو." جي تحت فرمائن ٿا: يعني جمعي جي رات ۾ عبادت ڪرڻ منع ناهي، بلڪ بين راتين ۾ بلڪل عبادت نہ ڪرڻ مناسب ناهي جو هيءَ غفلت جي دليل آهي چو تہ جمعي جي رات ئي گهڻي عظمت واري آهي، انديشو هو تہ ماڻهو هن کي نفلي عبادتن کان خاص ڪري ڇڏيندا ان ڪري هن ئي رات جو نالو ورتو ويو.

(2) توهان مان ڪو هرگز **جمعي** جو روزو نہ رکي پر هي تہ ان کان پهريان يا بعد ۾ هڪ ڏينهن ملائي ڇڏي." (بخاري شريف ج 1 ص 653 حديث 1985)

(3) **جمعي** جو ڏينهن توهان جي لاءِ **عيد** آهي هن ڏينهن روزو نہ

رکو پر هي جو ان کان پهريان يا بعد ۾ به روزو رکو. (الترغيب والترهيب ج2 ص81 حديث11) حديثن مان معلوم ٿيو ته رُڳو **جمعي** جو روزو نه رکڻ گهرجي پر اها ممانعت رڳو انهيءَ صورت ۾ آهي جڏهن ته خصوصيت سان جمعي ئي جو روزو رکيو وڃي جيڪڏهن خصوصيت نه هجي مثال طور جمعي جي ڏينهن ڇُٽي هئي هن مان فائدو وٺندي روزو رکي ورتو ته حرج ناهي.

مُفَسِّرِشَهِيرحکيمُ الاُمّت حضرت مفتي احمد يار خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه مرآة جلد 3 صفحي 187 تي فرمائن ٿا: مثال طور ڪو شخص هر يارهين يا ٻارهين تاريخ تي روزو رکڻ جو عادي هجي ۽ اتفاق سان ان ڏينهن جمعو اچي وڃي ته رکي وٺي، هاڻي خلاف اولٰي به ناهي.

## جمعي جي روزي جي متعلق هڪ فتوٰي

هن ضمن ۾ فتاوي رضويه (مُخرّجَه) جلد 10 صفحي 559 تان معلوماتي سوال جواب ملاحظ هجي: سوال ڇا فرمائن ٿا عالمَ سڳورا هن مسئلي ۾ ته جمعي جو نفلي روزو رکڻ ڪيئن آهي؟ هڪ شخص جمعي جو روزو رکيو ٻئي ان کي چيو: جمعو مومنن جي عيد جو ڏينهن آهي. روزو رکڻ هن ڏينهن ۾ مکروه آهي ۽ اصرار ڪري ظهر کان بعد روزو ٽوڙائي ڇڏيو ۽ ڪتاب ”سِرُّالْقُلوب“ ۾ مکروهه ٿيڻ به لکيل آهي، اهڙي صورت ۾ روزو ٽوڙڻ واري جي ذمي ۾ ڪفارو آهي يا ناهي، ۽ ٽوڙائڻ واري تي ڪو الزام آهي يا نه؟ الجواب: جمعي جو روزو خاص ان نيت سان (رکڻ) جو اڄ جمعو آهي اهڙي خصوصيت سان روزو رکڻ مکروهه آهي، پر اهڙي ڪراهت به ناهي جو ٽوڙڻ لازم اچي، ۽ جيڪڏهن خاص نيت نه هئي ته پوءِ اصلً ڪراهت به ناهي، ان ٻئي شخص کي جيڪڏهن هن جي

مڪروه نيت جي خبر نہ هئي تڏهن تہ اعتراض ئي شروع ڪان بيوقوفي آهي ۽ روزو ٽوڙائڻ شريعت تي سخت جراءَت ۽ جيڪڏهن خبر بہ هئي تڏهن بہ مسئلو ٻڌائڻ ڪافي هو نہ وري روزو ٽوڙائڻ ۽ اهو بہ ٻپهريءَ ڪان بعد، جنهن جو اختيار نفل روزي ۾ والدين ڪان سواءِ ڪنهن کي ناهي، ٽوڙڻ وارو ۽ ٽوڙائڻ وارو ٻئي گنهگار ٿيا، ٽوڙڻ واري تي قضا لازم آهي ڪفارو اصلاً(يعني بلڪل) ناهي. واللّٰه تعالٰي اعلم.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ڇنڇرءِ آچر جا روزا

**حضرت** سيّدتنا اُمِّ سَلمه رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا ڪان مروي آهي تہ رسول اللّٰه صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **ڇنڇر** ۽ آچر جو روزو رکندا هئا ۽ فرمائيندا هئا: ”هي ٻئي (ڇنڇر ۽ آچر) مُشرڪن جي عيد جا ڏينهن آهن ۽ مان چاهيان ٿو تہ انهن جي مخالفت ڪريان“. (ابنِ خزيمہ ج3 ص318 حديث2167)

رُڳو **ڇنڇر** جو روزو رکڻ منع آهي. تنهنڪري حضرتِ سيّدُنا عبداللّٰه بن بُسر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ پنهنجي ڀيڻ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا ڪان روايت ڪن ٿا تہ رسول **اللّٰه** صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”ڇنڇر جي ڏينهن جو روزو فرض روزن ڪان علاوه نہ رکو. حضرتِ سيّدُنا امام ابوعيسیٰ **ترمذي** رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا تہ هي حديث حَسَن آهي ۽ هتي ممانعت مان مراد ڪنهن شخص جو ڇنڇر جي روزي کي خاص ڪرڻ آهي، ڇوتہ يهودي ان ڏينهن جي تعظيم ڪندا آهن.“ (جامع ترمذي ج2 ص186 حديث744)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## نفلي روزن جا 13 مدني گل

**مدينه 1**: ماءُ پيءُ جيڪڏهن پٽ کي **نفل** روزي کان ان لاءِ منع ڪن جو بيماريءَ جو انديشو آهي ته ماءُ پيءُ جي اطاعت ڪري.

(رد المحتار ج3 ص416)

**مدينه 2**: مڙس جي اجازت کان بغير گهرواريءَ **نفلي** روزو نه ٿي رکي سگهي. (درمختار، رد المحتار ج3 ص415)

**مدينه 3** : **نفلي** روزو ڄاڻي واڻي شروع ڪرڻ سان پورو ڪرڻ واجب ٿي ويندو آهي جيڪڏهن ٽوڙيندؤ ته قضا واجب ٿيندي.

(درمختار ج3 ص411)

**مدينه 4**: **نفلي** روزو ڄاڻي واڻي نه ٽوڙيو بلڪ بي اختيار ٽُٽي پيو مثال طور عورت کي روزي جي دؤران حيض اچي ويو ته روزو ٽُٽي پيو پر قضا واجب آهي. (درمختار ج3 ص412)

**مدينه 5**: **نفلي** روزو بنا عذر جي ٽوڙڻ ناجائز آهي. مهمان سان گڏ جيڪڏهن ميزبان نه کائيندو ته ان کي يعني مهمان کي سُنو نه لڳندو. يا مهمان جيڪڏهن کاڌو نه کائي ته ميزبان کي اذيت ٿيندي ته **نفلي** روزو ٽوڙڻ جي لاءِ هي عذر آهي پر شرط هي آهي ته يقين هجي جو ان جي قضا رکي سگهندو ۽ هي به شرط آهي ته ضحوهءِ ڪبرىٰ کان پهريان ٽوڙي بعد ۾ نه. (درمختار، رد المحتار ج3 ص413)

**مدينه 6**: **والدين** جي ناراضگيءَ جي سبب عصر کان پهريان تائين **نفلي** روزو ٽوڙي سگهي ٿو. عصر کان بعد نه.

(درمختار، رد المحتار ج3 ص414)

**مدينه7**: **جيڪڏهن** ڪنهن اسلامي ڀاءُ دعوت ڪئي ته ضحوهءِ ڪبرىٰ

ڪان پهريان **نفلي** روزو ٽوڙي سگهي ٿو پر قضا واجب آهي.
(درمختار ج3 ص414)

**مدينه 8** : هن طرح نِيَّت ڪئي ته ”ڪٿي دعوت ٿي ته روزو ناهي ۽ نه ٿي ته آهي“ هيءَ نيّت صحيح ناهي، بهرحال روزيدار ناهي.
(عالمگيري ج1 ص195)

**مدينه 9** : **ملازم** يا مزدور جيڪڏهن نفلي روزو رکن ۽ ڪم پورو نه ٿا ڪري سگهن ته ”سيٺ“ (يعني جنهن ملازمت يا مزدوري تي رکيو آهي) جي اجازت ضروري آهي ۽ جيڪڏهن ڪم پورو ڪري سگهن ٿا ته اجازت جي ضرورت ناهي.[1] (درمختار ج3 ص416)

**مدينه 10**: طالبِ علمِ دين جيڪڏهن نفل روزو رکي ٿو ته ڪمزوري ٿيندي، ننڊ ايندي ۽ سستيءَ جي سبب طلبِ علمِ دين ۾ رڪاوٽ ٿيندي ته افضل اهو آهي ته نفل روزو نه رکي.

**مدينه11** : **حضرت** سيّدُنا داؤد عَلَيۡهِ السَّلَام هڪ ڏينهن ڇڏي ڪري هڪ ڏينهن روزو رکندا هئا. اهڙيءَ طرح روزا رکڻ کي ”صومِ داؤدي“ چئبو آهي ۽ اسان جي لاءِ هي افضل آهي. جيئن ته رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: افضل روزو منهنجي ڀاءُ داؤد (عَلَيۡهِ السَّلَام) جو روزو آهي جو اهي هڪ ڏينهن روزو رکندا هئا ۽ هڪ ڏينهن نه رکندا هئا ۽ دشمن جي مقابلي کان فرار نه ٿيندا هئا.“
(جامع ترمذي ج2 ص197 حديث770)

**مدينه12** : **حضرت** سيّدُنا سليمان عَلَيۡهِ السَّلَام ٽي ڏينهن مهيني جي

[1] ملازمت جي متعلق بهترين معلومات جي لاءِ مڪتبة المدينه جو شايع ڪيل رُڳو 16 صفحن جو رسالو”ملازمن جا 21 مدني گل “جو ضرور مطالعو فرمايو.

شروع ۾، ٽي ڏينهن وچ ۾ ۽ ٽي ڏينهن آخر ۾ روزا رکندا هئا ۽ اهڙيءَ طرح مهيني جي شروعات، وچ ۽ آخر ۾ روزيدار رهندا هئا. (ڪنزالعمال ج8 ص304 حديث24624)

**مدينه 13: صومِ دهر (يعني هميشه روزا رکڻ سواءِ انهن پنجن ڏينهن جي يعني شوال جي پهرين ۽ ذي الحجه ڏهين کان تيرهين جي، جن ۾ روزو رکڻ حرام) مڪروهِ تنزيهي آهي.** (در مختار ج3ص 391)

## هميشه (مسلسل) روزا رکڻ

هميشه جي روزن کان ممانعت تي"بخاري شريف" جي هڪ حديث هيءَ به آهي ۽ ان جو مفهوم به عالمن تاويل سان بيان فرمايو آهي، جيئن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: لَا صَامَ مَنۡ صَامَ الدَّهۡرَ يعني جيڪو هميشه(مسلسل) روزا رکي ان روزا رکيا ئي نه (بخاری، 651/1، حديث 9179)

شارح بخاري حضرت علامه مفتي محمد شريف الحق امجدي رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه هن حديث پاڪ جي تحت لکن ٿا: جيڪڏهن هن خبر کي "نهي" جي معنيٰ ۾ مڃون (يعني جيڪڏهن هن حديث جي هيءَ معنيٰ وٺون ته هميشه روزا رکڻ منع آهي ۽ جيڪو رکندو ته ان کي ڪو ثواب نه ملندو) ته(ان صورت ۾ حديث جو) اهو ارشاد انهن ماڻهن جي لاءِ آهي جن کي مسلسل روزا رکڻ جي وجهه سان هن ڳالهه جو غالب گمان هجي ته ايترا ڪمزور ٿي ويندا جو جيڪي حقوق انهن تي واجب آهن انهن کي ادا نه ڪري سگهندا چاهي اهي حقوق ديني هجن يا دنياوي، مثال طور نماز، جهاد، ٻارن کي پالڻ جي لاءِ ڪمائڻ ۽ (پهرين صورت کان هٽي ڪري ٻئي صورت هي ٻڌجي ٿي ته) جيڪڏهن مسلسل روزا رکڻ جي وجهه سان(جيڪڏهن) انهن(روزيدارن) جو غالب گمان هجي ته حقوقِ واجبه

(واجب حق) تہ مڪمل طور ادا ڪري وٺندا، پر حقوقِ غير واجبہ ادا ڪرڻ جي قوت باقي نہ رهندي، انهن جي لاءِ روزا مڪروهہ يا خلاف اولٰي آهي ۽ جن ڪي هن جو غالب گمان هجي تہ صومِ دهر( يعني هميشہ روزا) رکڻ جي باوجود تمام حقوقِ واجبہ (واجب حق)، مسنون، مستحبہ مڪمل ادا ڪري وٺندا انهن جي لاءِ ڪراهت بہ ناهي.

ڪجهہ صحابہ ڪرام جيئن ابو طلحہ انصاري ۽ حمزه بن عمرو اسلمي رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا صومِ دهر( هميشہ روزا) رکندا هئا ۽ حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن کي منع نہ فرمايو، اهڙي طرح ڪيئي تابعين ۽ اولياء ڪرام کان بہ صومِ دهر( هميشہ روزا) رکڻ منقول آهي.

(اشعۃ اللمعات، ج2 ص 100) (نزہتہ القاری ج3 ص 386)

يا ربِّ مصطفيٰ! اسان کي زندگي، صحت ۽ فرصت (وانڌڪائي) کي غنيمت سمجهندي وڌ کان وڌ **نفلي روزا** رکڻ جي سعادت عطا فرماءِ، انهن کي قبول بہ ڪر ۽ اسان جي مٺي مٺي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سڄي امت جي مغفرت فرماءِ.

اٰمِيۡن بِجَاہِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ايندڙهفتي جو رسالو




عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net